MINI BREAK JOKES

# لطيفن جي دنيا



چپائيندڙ

پارس پبلشنگ اڪيڊمي حيدرآباد سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇپائيندڙ جا سمورا حق محفوظ آهن

ڪتاب جو نالو: لطيفن جي دنيا

ڇاپو: پهريون

ڳاڻيٽو: هڪ هزار

ڇپائيندڙ: پارس پبلشنگ اڪيڊمي
حيدرآباد

ڇپيندڙ: فيمس پرنٽنگ پريس،
حيدرآباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مِني بريڪ لطيفا

## (1)

هڪ ماڻهو: ”پٽ تنهنجو پيءُ اندر ڇا پيو ڪري؟
ننڍڙو: ”جي، هو اوهان جي وڃڻ جو انتظار پيو ڪري.“

## (2)

هڪ ماڻهو: پنهنجي دوست کان پڇيو تہ مِنهنجي اک ۾ سور آهي ان جو ڇا علاج؟
دوست چيو: ٿوري دير پهرين منهنجي ڏند ۾ سور هيو مون ان کي ڪڍرائي ڇڏيو.“

## (3)

هڪ ماڻهو: فقير کي چيو ”جي مان تنهنجي هٿ ۾ سؤ (100) روپين جو نوٽ ڏيان تہ تون ڇا ڪندين؟
فقير: مان جلدي پيو هٿ اڳيان ڪندس.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## (4)

فقير: هڪ روپيہ جو سوال آهي بابا؟
اسد: بابا جي سوال اچن ٿا تہ روزانو اسڪول ۾ موچڙا
ڇو کائوان ٿا.

## (5)

هڪ بيوقوف: هي بس ڊونهون ڇو ڇڏيندي آهي؟
ٻيو بيوقوف: سڌي ڳالهہ آهي هن جي اندر باهہ لڳل
هوندي آهي.

## (6)

پيءُ: پٽ الف سان ڇا ٿو اچي؟
پٽ: بابا الف سان ڪجهہ نٿو اچي سڀ ڪجهہ پيسن
سان ٿو اچي."

## (7)

حبيب: (قبرستان مان گذرندي) هي قبر الله بخش جي
آهي ڏاڏو سٺو ماڻهو هو. مرڻ وقت ويچارو پنهنجو سڀ ڪجهہ

يتيم خاني جي حوالي ڪري ويو.

شوڪت: ها! اسان کي بہ خبر پوي ٿي ڇا ڇا ڏئي ويو آهي.

حبيب: اهو ٿي چار ڇوڪرا ۽ ڇهہ ڇوڪريون!

**(8)**

استاد: اڄ ڪهڙي تاريخ آهي؟"

[illegible] ڄ پهرين تاريخ آهي...!

[illegible] وکي ڪيئن خبر پئي تہ اڄ پهرين آهي.

ڇوڪر: اڄ اما ۽ بابا ڪلندي ڳالهيون ڪري رهيا هئا.

**(9)**

استاد: (ڇوڪر کي) پوسٽ آفيس ڪٿي آهي؟

ڇوڪر: اسپتال جي سامهون.

استاد: اسپتال ڪٿي آهي؟

ڇوڪر: پوسٽ آفيس جي سامهون.

استاد: (ڪاوڙ ۾) ٻئي ڪٿي آهن؟

ڇوڪر: اهي آمهون ۽ سامهون آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(10)

ڄوڪر: هيءَ ڪُڪڙ لنگڙي آهي؟
سيٺ: تون هن کي کائيندين يا ڊانس ڪرائيندين.

(11)

ڊاڪٽر: هاڻي تو کي ڪهڙي بيماري آهي؟
مريض: ماني کائڻ کان پوءِ بک نٿي لڳي.

(12)

ماءُ: (پٽ کي) ڪوڙ ڳالهائڻ ڪنهِي ڳالهه آهي؟
پٽ: پوءِ جلدي ٻڌاءِ ته مٺائي جو ڊبو ڪٿي رکيل آهي؟

(13)

ساجده: (خالده کي) ڪلثوم جو فون نمبر ڇا آهي؟
خالده: (خبر ڪونهي) فون ڪري پڇي ٿا وٺون."

(14)

استاد: مان توکان ايڏي دير کان سوال پيو پڇان ته
تون جواب ڇو نٿو ڏين؟"

شاگرد: سائين منهنجي ماءُ منع ڪيو آهي ته وڏن کي
جواب نه ڏجي.

(15)

استاد: (شاگرد کي) قيامت ڪڏهن ايندي."
شاگرد: "سائين انگلش جي پيرڊ ۾ ايندي."

(16)

زاهد: تو پنهنجي ڀاءُ کي ڇو ماريو؟
قمر: ان ڪري جو ان مونکي رات خواب ۾ ماريو هو.

(17)

پيءُ: پٽ تون ڪنهن سان شادي ڪندين؟
پٽ: ڏاڏي امان سان.
پي: اها ته منهنجي ماءُ آهي.

پٽ: توهان به ته منهنجي ماءُ سان شادي ڪئي آهي.

(18)

هڪ ريل گاڏيءَ ۾ ٻه بيوقوف سفر ڪري رهيا هئا؟
هڪ چوڻ لڳو: ”ڇا توهان کي ڪوٺڙي وڃڻو آهي.“
ٻيو: نه مون کي ڪوٺڙي وڃڻو آهي؟
ڦهريون: ”چڱو مان سمجهي ويس توهان کي ڪوٺڙي وڃڻو آهي.“

(19)

هڪ ڪنجوس مڙس پنهنجي زال کي چيو.
اڄ اسان شام جو کاڌو ٻاهرا کائيندا سين.
زال چوڻ لڳي.
ٺيڪ آهي. آءُ هينئر تيار ٿي اچان ٿي.
ڪنجوس چوڻ لڳو.
تيار ٿيڻ جي ضرورت ڪانهي منهنجو مطلب آهي ٻاهر اڱڻ ۾ کائيندا سين.

(20)

نوڪر: (هڪ ڪنجوس سيٺ کي) سائين هو توهان کي

ڪاريون ڏئي رهيو آهي.

سيٺ: ڏيڻ ڏي. ڪجهه ڏئي رهيو آهي وٺي ته ڪونه ٿو.

(21)

سيٺ: (نوڪر کي) مون توکي چيو هو ته چارو ڪڪڙ جي ٻچي کي کارائي ڇڏ تون ٻلي کي ڇو کارائين پيو؟

نوڪر: سائين ڪڪڙ جو ٻچو ٻلي جي پيٽ ۾ آهي.

(22)

ماءُ: (پٽ کي) قمر تون ڇو پيو روئين؟

قمر: اج سائينءَ ڪلاس کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو هو."

ماءُ: تو ضرور شرارت ڪئي هوندي؟

قمر: سچ ماءُ. آءٌ ته ستو پيو هئس."

(23)

شفقت: (انيس کي) مينهن وڏي يا عقل.

انيس: مينهن وڏي.

شفقت: "اهو ڪيئن؟"

انيس: ان لاءِ ته عقل سين وٽ هوندو آهي پر مينهن ته

سين وٽ ڪونہ هوندي آهي.

## (24)

پيءُ (انيس کي) اڄ جو پيپر ڪئين ٿيو؟
انيس: ڏهن مان هڪ سوال غلط ٿي ويو.
پيءُ: ڪا ڳالهہ ڪانهي ٻيا تہ ٺيڪ ٿيا آهن؟
انيس: پر بابا سائين باقي نَوَ ڪيائي ڪونہ هيم تہ وقت ختم ٿي ويو هو.

## (25)

جج: (چور کي) توکي شرم نٿو اچي ڏينهن ڏٺي ٿو چوري ڪرين؟
چور: سر! مان ڇا ڪريان رات جو مونکي ننڊ اچي ٿي وڃي.

## (26)

هڪ ٻار: (دڪاندار کي) توهان وٽ گيهہ آهي؟
دڪاندار: "ها آهي"
ٻار: سوجي بہ آهي؟
دڪاندار: ها آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻار: ڇ کنڊ ۾ آهي؟
دڪاندار: خوشي سان چوڻ لڳو. ها آهي.
ٻار: پوءِ تون سيرو ڇو نٿو پچائين؟

## (27)

هڪ ڳوناٺو ويندڙ ماڻهو کي چوڻ لڳو:
”سائين هي رستو ڪيڏانهن پيو وڃي.“
”هي رستو اسپتال پيو وڃي.“
”ڇو هي رستو بيمار آهي“ ڳوناٺو چوڻ لڳو.

## (28)

هڪ ماڻهو نوڪري جي تلاش ۾ هڪ سيٺ وٽ ويو.
سيٺ پڇڻ لڳو” ڪاڌو پچائڻ ايندو اٿئي؟“
جي ها
” ڪار هلائڻ ايندي اٿئي“
جي ها
ڪوڙ ڳالهائڻ ايندو اٿئي؟“
انهي تي نوڪر جواب ڏنو. توهان جو ڇا خيال آهي؟
هن مهل تائين مان ڇا پيو ڪريان.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## (29)

فقير: دَر تي صدا ڏيندي چيو:
"الله جي نالي تي ماني ڏي."
اندران آواز آئي؟
معافي ڏي فقير. گهر ۾ بيگم آهي ڪونهي.
مون ماني گهري آهي. بيگم ڪونه گهري آهي.

## (30)

جج: (چور کي) "تون مسجد مان پراڻا جوتا ڇو چوري ڪندو هئين؟
چور: (چور ڊجندي) "غلطي ٿي وئي سائين ٻيهر نوان جوتا چوري ڪندس."

## (31)

استاد هڪ شاگرد کان ڪجهه ڪاوڙ ۾ پڇيو.
استاد: اڙي انور، تون ڪلهه اسڪول ڇو ڪونه آئين؟
انور: سائين ڪلهه ڪري پيو هوس ۽ لڳي وئي هئي.
استاد: اڙي ڪٿي ڪريو هئين ۽ ڇا لڳو هئي؟
انور: سائين! کٽ تي ڪري پيو هوس. ٿوري دير ۾ اک

لڳي وئي هئي...!

(32)

انيس: ڀڏاءِ ادا تنهنجي نتيجي جو ڇا ٿيو؟
شفقت: آئون تہ پاس ٿي ويس. تون ڀڏاءِ تنهنجو ڇا ٿيو؟
انيس: ڇا ڀڏايان منهنجي نالي جو ڀهريون لفظ ٿي اڏامي ويو آهي.

(33)

ٻاهر هڪ فقير جي صدا اچي ٿي ۽ گڏ هڪ فقير اندر داخل ٿئي ٿو.
فقير: حق سخي....! آهي ڪو درياهہ دل، جو من جون مرادون پوريون ڪري؟ آهي ڪو سخي بابا!؟ الله جي نالي هيٺ صاحب.....!
سيٺ: فقير معاف ڪر ڳليو ڪونهي......!
فقير: آئون ڏوڪڙ پنڻ ناهيان آيو سيٺ صاحب! آئون شادي ۽ ڪنوار پنڻ آيو آهيان.
سيٺ: (حقارت مان) تون منهنجي نياڻي ڪي ڇا ڏيندين....؟
فقير: آئون هن کي گهر ڏيندس. ڪار ڏيندس. وي.

سي. آر ڏينڊس، رنگين ٽي. وي ڏينڊس. بئنڪ بئلينس ڏينڊس سڀ ڪجھ ڏينڊس. سيٺ صاحب...!

سيٺ: (حيرت مان) ڇا سچ پچ......!

(34)

استاد: (انور کي) تنهنجو پيءُ ڇا ڪندو آهي؟

انور: منهنجو پيءُ وڪيل آهي.

استاد: (ڪمال کي) تنهنجو پيءُ ڇا ڪندو آهي؟

نياز: منهنجو پي اهو ڪندو آهي جيڪو منهنجي ماءُ چوندي آهي.

(35)

پي: (پٽ کي) ”تون عيد جي ڏينهن کان علاوه ڪهڙي ڏينهن خوش هوندو آهين؟“

پٽ: جنهن ڏينهن سائين بيمار هوندو آهي.

(36)

ڊاڪٽر: (مريض عورت کي) توهان جي وزن ۾ حيران ڪرڻ جهڙي ڪمي ٿي وئي آهي. ڪلهه تنهنجو وزن 120 پونڊ هو پر اڄ صرف 100 پونڊ وزن آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عورت جواب ڏنو.
"جي دراصل مان ميڪ اپ ڪرڻ وسري وئي آهيان."

(37)

مريض: (ڊاڪٽر کي) منهنجو سڄو جسم سور ڪري رهيو آهي.
ڊاڪٽر: چوڻ لڳو تہ "دوا کائڻ کان پوءِ تون جلدي ٺيڪ ٿي ويندين."
مريض: دوا کائڻ کان پوءِ چوڻ لڳو "ڊاڪٽر صاحب منهنجو سور کان ساهہ پيو نڪري.
ڊاڪٽر: انهيءَ کان پوءِ تہ آرام ايندو.

(38)

استاد: (شاگرد کي) تون فيس ڪٿي آيو آهين؟
شاگرد: امان چيو هو تہ چئي ڇڏجانءِ تہ وسري ويو هوس.

(39)

استاد: (شاگرد کي) ڪڏهن آئون تنهنجي عمر ۾ هوندو هوس تہ بلڪل تو جهڙو هوندو هوس.

شاگرد: پوءِ توهان بہ مون وانگر اسڪول مان ڀڄي ويندا هئا.

## (40)

ڀار: (ماءُ کي) امان. هن فقير کي ماني نہ ڏي؟
ماءُ: (پٽ کي) ڇو پٽ هن ڪهڙو قصور ڪيو آهي؟
ڀار: گهري هي الله لاءِ ٿو ۽ کائي خود ٿو.

## (41)

هڪ ماڻهو ڊاڪٽر کي جڏهن توهان قبرستان مان لنگهندا آهيو تہ پنهنجو منهن ڇو لڪائي ڇڏيندا آهيو.

ڊاڪٽر: ڇا ٻڌايان مون کي هتي مريل ماڻهن کان شرم ٿو اچي هي سڀ منهنجو علاج ڪرائي رهيا هئا.

زال: (مڙس کي) مون کي هڪ هزار روپين جي ضرورت آهي. شاپنگ لاءِ وڃڻو آهي؟

مڙس: تو کي روپين جي نہ پر عقل جي ضرورت آهي.

زال: تو کان اها شيءِ گهرندس جيڪا توهان وٽ هوندي.

## (42)

ڊاڪٽر: توکي پيٽ ۾ سور ڪڏهن ٿيندو آهي؟
شاگرد: "جڏهن به اسڪول ويندو آهيان."

## (43)

پيءُ: (پٽن کي) هن وقت گهڻو ٽائيم ٿيو آهي؟
ننڍو پٽ: بابا ٽي ٿيڻ ۾ پندرهن منٽ آچا آهن.
وچون پٽ: نه بابا ۽ لڳي پنجيهتاليهه منٽ ٿيا آهن.
وڏو پٽ: هي ٻئي غلط پيا چون اصل ۾ ٻوڙا ٽي ٿيا آهن؟

## (44)

هڪ ماڻهو پنهنجي دوست کي چيو. مون کي پنج سو روپيا اُڌارا ڏي آءُ ڪراچي مان اچڻ سان ڏئي ڇڏيندس.
تون ڪراچي مان ڪڏهن واپس ايندين؟ هن دوست کان پڇيو.
ڪراچي ڪير پيو وڃي. انهيءَ ماڻهو. انهي کان پڇيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## (45)

هڪڙو همراھ ريلوي پليٽ فارم تي گاڏي جي انتظار ۾ ويٺو هو. گاڏي جي ليٽ هجڻ ڪري هو ڳهڙي ڪن ليٽي پيو. ائين ڪيس پور ورائي ويا ۽ ليٽي ڳائڻ لڳو. جڏهن سنئون سنئون ستو پيو تہ ڏول فقير جو ڪلام ڳائڻ شروع ڪيائين. "عمر مون نٿا وسرن ويڙهيچن جا واڙا! وري جڏهن اونڌو ٿي ستو تہ جلال چانڊئي جو ڪلام ڳائڻ لڳو" منهنجا مٺا ايندي ڪڏهن مون ڪان پڇڻ جي واسطي" ان تي هڪڙي همراھ اچي پڇيس تہ "ڀائو سوير سنئون سمهي ڏول فقير جو ڪلام پئي ڳايئي. هينئر اونڌو ٿيو جلال جو ڪلام پيو ڳائين" چريو ٿيو آهين يا پاڳل ٿيو آهين؟ ان تي همراھ وراڻيو آئون چريو پاڳل نہ آهيان صرف ڪيسٽ جو پاسو بدلايو اٿم.

## (46)

ٻہ آفيمي درياءَ جو ڪنارو ونيو پئي ويا. هڪ آفيمي چيو تہ جيڪڏهن درياءَ ۾ باھ لڳي تہ مڇيون ڪيڏانهن وينديون؟ ان تي ٻئي آفيمي چيو تہ وڻن تي چڙهي وينديون. ٽئين آفيميءَ چيو تہ. "آهن ڪي مينهون جو وڻن تي چڙهي وينديون."

## (47)

هڪ عورت شادي جي آفيس وئي ۽ اتي چوڻ لڳي ته
توهان شادي ڪرائڻ جا ڪيترا وٺندا آهيو.
ماڻهو چوڻ لڳو: جي. ٽي سؤ روپيه.
اها چوڻ لڳي ۽ طلاق جا ڪيترا وٺندا آهيو.
اهو ماڻهو: ٻه سو روپيه.
پر هي ته تمام گهٽا آهن هن ۾ رعايت نٿي ٿي
سگهي."
"جي رعايت نه ٿي سگهي ٿي، پر جي هي ٻئي ڪم گڏ
ڪرايو ته ٿي سگهي ٿو.

## (48)

هڪ ماڻهو هوٽل ۾ آيو ۽ اچي بيري کي چيو ته "چاءِ
ڪٿي اچ."
بيرو: چاءِ ڪٿي اچي ٿو.
اهو ماڻهو چاءِ ۾ ڏسي، ٿو ته مک پئي تري ۽ هو بيري
کي چئي ٿو.
بيرو: جي هن کي ترڻ نه اچي ته هو ٻڏي وڃي ها.

## (49)

ڀِڙيون دوست (ٻئي دوست کي) تنهنجو پيءُ ڪيڏانهن
ويو آهي؟
ٻيو دوست: اسپتال.
ڀِڙيون: مُون کي ڏاڍو ڏک ٿيو تنهنجو پيءُ اسپتال ۾
آهي.
ڇو خيريت تہ آهي؟
ٻيو: خير سان منهنجو پيءُ ڊاڪٽر آهي.

## (50)

استاد: سڀ کان گهڻي گرمي ڪٿي ٿيندي آهي؟
شاگرد: سائين اسان جي بورچي خاني ۾ گهڻي گري
ٿيندي آهي.

## (51)

سيٺ: گهر جي نوڪر کي روئيندي ڏسي چوڻ لڳو.
"توکي ڪهڙي ڳالهہ تي روئڻ پيو اچي؟"
نوڪر: جواب ڏنو. سائين مون کي بيگم صاحبہ ماريو
آهي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پوءِ ڇا ٿيو بيوقوف تو مون کي ڪڏهن روئيندي ڏٺو آهي.“

سيٺ چوڻ لڳو.

(52)

وڪيل: (گواهہ کي) تون ڪيئن ٿو چوين تہ هن چوري ڪئي آهي؟

گواهہ: سائين مان بہ تہ هن سان گڏ هوس.

(53)

پهريون ماڻهو: مون اڄ ٻن ماڻهن جا کيسا ڪٽيا آهن.

ٻيو ماڻهو: پوءِ توکي ڪنهن پڪڙيو ڪونہ“

پهريون ماڻهو: مون کي ڪير ٿو پڪڙي سگهي. آءٌ تہ درزي آهيان.

(54)

هڪ چريو مناري تي چڙهي خودڪشي جي ڪوشش ڪري رهيو هو. تہ هيٺان بيٺل ماڻهو کيس منع ڪري رهيا هئا. پريان هڪ ٻيو چريو اچي پهتو ان مٿئين چريي کي چيو تہ ”اڙي لهين ٿو هيٺ يا ڪٽيان مينار کي“ مٿئين چريي چيو تہ

## اسان جي اداري پاران جلد شايع ٿيندڙ ڪتاب

| | |
|---|---|
| وتايو فقير | 10.00 |
| ٺهڪڙا | 10.00 |
| ٽاڪوڙا | 10.00 |
| ڇُهندربون | 10.00 |
| سَجڻ ۽ سور (شاعري) | 12.00 |
| تنهنجا سور سدائين | 12.00 |
| رُنل ئي رهو | 12.00 |
| پَر هجيوءَ حياتي | 12.00 |
| تنهنجي حِسن جو جَلوو | 12.00 |